رنگ۔ پومي

منوهر ٻيلا

رنگ ڀومي

چمن ايڪانڪي ناٽڪن جو سنگرهه.

منوهر ٻيدي

From Central Hindi Directorate
(Sindhi Unit) R. K. Puram
NEW DELHI
Under the Scheme of Free
distribution of Sindhi Books

سهڪار پبليڪيشن
٣٧٨/٥، او. ٽي. سيڪشن
اُلهاس نگر- ٤٢١٠٠١.

:: ٻه لفظ ::

رچنا پاڻ ڳالهائي، رچنا کي
پنهنجو درشن آهي، سنديش آهي،
گڻ آهي، دوش آهي، ڀيک آهي،
ٺاهه - جوڙ آهي، لباس آهي، درجو آهي،
روپ آهي، رنگ آهي، سڳنڌ - درگنڌ
آهي. باقي رچناڪار ڇا چوي؟ چوندا
اُهي جن سوچيو سمجهه سمجهي، جيو
سمجهه سمجهي ۽ لکيو سمجهه سمجهي.
سماج جو آئينو ٿيڻ کان اڳ رچنا کي
رچيتا جو درپڻ ٿيڻو آهي. جي اِئين
نه آهي ته سماج سان ته دوکو آهي
ئي، خود پنهنجو پاڻ سان به وڏو
دوکو آهي.
درشن ۽ واد رچنا تي ٿوپيا نه
وڃن، خود رچنا مان نمودار ٿين.

رنگ پوُمي : ايڪانڪي ناٽڪ.

١. ڏهيج ٩

٢. هٿ جون لڪيرون - ١ ... ... ٣٨

٣. هٿ جون لڪيرون - ٢ ... ... ٥١

٤. سپني جو ڀهانو ٧٢

٥. ڪوئي مٿو جيئرو ڪونهي ٨٦

٦. اڄ نه فلمي گيت نڪون ١٠٥

ليکڪ : منوهر بيدي.

پرڪاشڪ : شريمتي سُشما بيدي.

سهڪار پبليڪيشن.

بئرڪ ٣٧٨ روم. ٥. ١٠. نئي،

اُلهاس نگر - ٤٢١٠٠١.

سائڪلوسٽائيلنگ : راجسي ڊپليڪيٽر

اُلهاس نگر - ٤٢١٠٠٣.

ڪاتب : موهن پرٿياڻي.

ديپاولي ١٩٨٧ | روپيه ٦/- | (c) ليکڪ وٽ

1 ⁂ د صبح ⁂

وجيه = نيڪ.
نرمل = وجيه جو دوست.
دادا ڦتومل = وجيه جو پيءُ.
ستي = وجيه جي پيڻ.
گل براءِ = گهوٽ پيءُ.
برهمڻ = ڪجهه ماٺو.

⁘ درشيه پهريون ⁘

جڳهه : وجيه جو گهر.
وقت : صبح جا اٺ.
(وجيه هڪ آرام ڪرسيءَ تي سر
جهڪايو ويٺو آهي. نرمل ٻاهران ئي
واڪا ڪندو اچي ٿو. هنجي هٿ ۾
اخبار آهي.)

نرمل: (اچي، اخبار وجيه جي گود ۾
ڦٽي ڪري)

پڙهندڙن تي.

رنگ پوميءَ جي ايڪانڪي خاڪن ۾
ڪن کي ججهه ملندو، ڪن کي ججهه. ڪن کي
ادبي لڳنديون، ڪن کي غير ادبي. ڪن کي
ڊائلاگ وڻندا ته ڪن کي ڪهاڻيءَ جو انگ.
ڪن کي رنگمنچ لاءِ موزون لڳنديون ته ڪن
کي فقط پڙهڻ لاءِ. ڪن کي لڳندو ته ڪوشش
ڪري لکيون ويون آهن ته ڪن کي وهڪري
وانگر سياوهه لڳنديون. جهڙي نظر
تهڙو نظارو ۽ تهڙو ديدار.

مون پنهنجي طرفان فقط هڪ
چاهنا ڪئي آهي. ته اهي ايڪانڪيون
پاٺڪن جو منورنجن ڪن. دل کي وڻن.
سنڌي ادب جي حوالي ۾ ڇوندس ته
ايترو ٿيو ته گهڻو ٿيو.

منوهر بيدي.

١٠ سيپٽمبر ١٩٨٧

نيڪ آهن نه؟ سڀني کي ڪجهه ٿيو
آ ڇا؟
وجيه: (هائوڪو پري) سڀ نيڪ آهن.
دادا جيه، سڀني جيه.
نرمل: (اکيان ڪهڙي ٿي ويهي) پوءِ؟ تون
ڪجهه يعني ته. ائين ڇو پيو ٻڌين؟
وجيه (خلا ۾ نهاريندي) ڪاش، ڪله مان
نوٽنڪي پيش نه ڪريان ها.
نرمل: (عجب ۾) پر توکي نوٽنڪيءَ ڇا
ڪيو؟ اڙي ها، هي وٽ منيجر پنج
سؤ رپيا ڏنا اٿئي.
وجيه: (روپيه وٺي) هيءَ ته تنهنجي ڪي
مهرباني آهي نرمل. ورنه ٿئي مان
ڪٿي هوٽل جي تاج!
نرمل: (سرلو ڏيئي) نيڪ آهن؟ پر تون
غمگين ڇو آهين؟ ڇا ٿيو آهي؟
وجيه: (ڪجهه ٽرسي) ڪله جي نوٽنڪيءَ
موڪلي پنهنجي پيٽ جي ياد ڏياري

وجيه. مبارڪواد هجيئي مبارڪواد

اڄ سڄو شهر تنهنجي نوٽنڪي جي

ساراهه ڪري رهيو آهي. پر ڪلاڪار

جي دنيا ۾ قسمت بئي عجيب آهي.

ڪلهه تائين ڪو توکي سڃاڻندو به ڪونه

هو ۽ اڄ...

پڙهين ٿو وجيه؟ اڄ تون هر زبان تي

چڙهيو آهين... ٻڌا تنهنجي

اصول جي ساراهه ڪري رهيا آهن.

نوجوان تنهنجي ڪلا تي ريجهيل

آهن ۽ خبر اٿئي ڪنوار ڇوڪريون

چپ ۾ تنهنجو نالو وٺي، منهن ڪٽي

ٿيون وهاڻي ۾ لڪائن. هي اخبار

پڙهه. تنهنجي ساراهه ۾ ڪالمن جا

ڪالم ڀريا پيا آهن. اڙي، پر تون ته

چپ آهين! ڇا هي وجيه؟ ڇا ٿيو؟

وجيه: (سر ڪڻي) ڪجهه به نه.

نرمل: (عجب مان) ڪجهه به نه؟ دادا جن ته

حقيقت جي پٿرن سان ٽڪرائجي
چور چور ٿيندو رهيو آهي.

جيه: (روڪي) نه نرمل، اِئين نه چئو. سڀ ڪجهه ٿيندو. سڀ ڪجهه ٿيندو. اها صبح ضرور ايندي. جنهن لاءِ انسان ڪيئن جڳن کان بيقرار آهي، نرمل. اُها اهڙي نه ملي موهڻي صبح هوندي جهڙي ڪا خواب جي پري! هيءَ دولت جي ظلمن جي رات، هيءَ اتياچار جي رات، هيءَ بي-انصافيءَ جي رات. هيءَ خود غرضيءَ جي رات هيءَ نفرت جي رات. چلائي چلائي چئي رهي آهي: اُها صبح دور نه آهي. جنهنجو انتظار انسان صدين کان وٺي پيو ڪيو آهي.

مل: وجيه، تون آشاوادي آهين نه؟ پر ياد رک ٺوڪر کائيندين!

جيه: تنهنجو مطلب؟

مل: صاف آهي. منهنجو مطلب صاف آهي.

چڙدي. آخر نرمل. هنجي شادي به ته
ڪرائڻي آهي.

نرمل: پر توهان کي فنڊ جا پئسا به ته مليا آهن.

وجيه: مليا آهن. برابر مليا آهن. ڏهه هزار رڪن
مليا آهن، پر دوست، ويهن ڪن هزار ٻن
کان گهٽ ته ڪم ستو ڇوڪرو ملي ٿي
ڪون ٿو. وري شادي جا بيا به خرچ آهن.
جيسين هٿ ۾ ۲۵ يا ۳۰ هزار نه هجن
تيسين ڪنهن لائق ڇوڪري بابت خواب
خواب لهڻ به بيوقوفي آهي.

نرمل: (مشڪي) دنيا به عجيب شيءِ جونالو
آهي. هڪ انسان ڏهيج جي خلاف پرچار
ڪريٿو. ڊراما لکي ٿو ۽ پوءِ خود ئي
سوچيٿو ته ڏهيج ڪٿان ڏيان.
گوچه آدرش. صرف پڙهڻ ۽ پڙهائڻ
لاءِ ئي ٺهيا آهن. توکو آدرش پيش
ڪيو. ماڻهن تاڙيون وڄايون،
ڪم ختم. ويچارو آدرش! هميشه

ائين ٿي سوچيندو ته مان سک حاصل
ڪندس اهو موڙي ڪجهه آهي. پر تون
ڏسندين ته اڄ ڪلهه اهڙائي گهڻا
آستاوادي آهن. مان اهڙو نه آهيان
نرمل، مان اهڙو نه آهيان

نرمل: (سر لوڏي) ٺيڪ ٿو چوين ڄجيبه.
تون ٺيڪ ٿو چوين. اهوئي سبب
آهي جو تون پنهنجي شادي لاءِ
ايترو غمگين آهين.

وجيه: نرمل، مون کي هڪ ڳالهه اصل سمجهه
۾ ڪون ايندي آهي: جي وڻ ٽاڻن کي
به ڏيندو ٿو پوي، پوءِ آهي سوچڻ جو
ڪونه ٿا. ائين ته آهي ٿي ڪونه ته
ڪن وڻ صرف پٽ لئي پٽ هجن ۽
ڪن وڻ صرف ڌيئر لئي ڌيئر رهجن.
پٽ ۽ ڌيئر سڀئي وڻ آهن. عجب
آهي اِن هوندي به هي رواج ايترو
وقت جتاءُ ڪري سگهيو آهي.

نراشا جي گهور انڌڪار ۾ ته توهان آشا
جي روشني پسيو ٿو. جا صرف دماغ
جو خلل آهي.
وچيه: تو آشا، نراشا جي ڳالهه ڇيڙي آهي
ته ٻڌ. نراشاوادي اهو آهي جو صبح جي
وقت اِهو سوچي ته ڪجهه دير بعد
رات ٿي ويندي. ڪنهن انسان کي
جنم وٺندو ڏسي سوچي ته هي
ضرور مرندو. چمن مان لنگهندي ٽڙيل
گلن ڏي نهاري اِهو سوچي ته هاءِ،
هاءِ ويچارا شام ڌاري سُڪي ويندا.
اهڙي انسان کي هميشه توهان ڪَڪِ
ڏسندين. هن جي منهن تي گهنجهه
هوندا ۽ سياءُ ۾ کهراڻ!
ٻئي طرف صحيح معنيٰ ۾، آشاوادي
اهو آهي جو ڪب پوگينڊي سک کي
حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهي.
پر جو انسان هٿ پير نه ٿو هلائي ۽

ڪهڙو آهي؟

وڃيه: (خلا ۾ نهاريندي) نرمل! ياد ڪر اُهو زمانو...
گؤتم ٻڌ جي ڪانئرتا ڀريل اُپديشن ۾ فلاسافيءَ
جڏهن ڀارت جي سورويرن ۾ ڏيوين کي
متاثر ڪئي.

ٻڌم شرڻم ڳڇامي،
ڌرمم شرڻم ڳڇامي.
سنگهم شرڻم ڳڇامي.

جاڳيت ڳائڻ لاءِ مجبور ڪيو، ديش ۾ وراستا
۾ سُستيءَ جو وايو منڊل پيدا ٿي ويو.
وديشي آسانيءَ ڪاهي آيا ۽ اسان
جي اهنسا جي درشن (فلاسافي) ٿي
ڪلندي اسان کي غلام بڻايائون. نرمل،
شڪتيءَ کان سواءِ اهنسا ڪانئرتا
آهي. اسين پنهنجي گهر ۾ ٿي تباهه
ڪيا ويا سين. اسانجو ڌرم ويو، ڌن
ويو، عزت وئي. ملڪ ويو، سپتا وئي،
سڀ ڪجهه ويو.

نرمل: در اصل حقيقت اِها آهي ته ڏک
جي لوڀ انسان جي اکين تي پٽي
ٻڌي ڇڏي آهي. اسان ڌهيچ ڏيڍ وقت
برابر رهئون ٿا. پر وڻڪ وقت ڪلوڪ ٻه
سمجهي ٿا. پرائي پير پڇاڻڪ سؤلو
ڪم ناهي وجيه. اڄا دنيا اينڙي
civilized ڪونه ٿي آهي. اڄا انسان
۾ حيوانيت جا جُزا باقي آهن.
وجيه: (هانڪو ڪيري) هاءِ ري قوت!
ڪڏهن ٿيا رب تنهنجي چنبي مان
آزاد ٿينداسون.. نرمل، ڪير ٿو چوي
اَسين آزاد آهيون؟ اڄا اسان جي
هٿن پيرن ۾ غلاميءَ جون زنجيرون
پيون آهن. (مُشڪي) پر اسين
اِهو جار ڊوڙ ٿي اينڙو ته هري
ويا آهيون جو ڪجهه محسوس
ئي ڪونه ٿو ٿئي.
نرمل: (عجب ۾) پر قوت جو سوال ئي

ٻه اسان جو پيڇو نه ڇڏيو. جن وٽ
چوڪرا هئا سي چوڪرين جي مائٽن
کان اِئين پڇڻ لڳا ڄڻ هو ڪي
انسان نه هئا وچڙندڙ مرض هئا.
لاچار ٿي چوڪرين وارن ڏيئَ سال
گڏ رشوت به ڏني ڪئي ۽ ان کي
ڏهيج ڪوٺيائون ... نرمل ! ـ هي اسان
جي ملڪ ۾ اڀريل اُلٽي فلاسفي
نه پئدا ٿي هئي ته اِئين جو پنهنجي ئي
گهر ۾ غلام ٿيون ها، قيد ٿيون ها.
۽ جي قوت نه هجي ها ته چوڏاري
ابتڙو وقت جمي وڃن ها، ۽ جو
اسان جي سماج هيٺان ذليل ۽ ظالم
رسمن جو شڪار ٿي ها.

(ڪجهه دير شانتي)

(وجيه جو سر جهڪيل آهي)

نرمل: وجيه، وجيه، وجيه.

(وجيه جواب نه ٿو ڏئي).

ڏينهن گذري رهيا. ويرتا جي لهر ڊوڙي،
سوُر ويرن سر اونچا ڪيا. تلوارون
ميانن ۾ مچلڻ لڳيون، ٻانهون ڦڙڪڻ
لڳيون. پر افسوس، ڀارت جي سپوتن
جي ويرتا ڀارت جي ئي غدّارن
جي هٿان نابود ٿي وئي. ۽ پوءِ؟
(پوءِ نه پڇا)، اسان غلام هئاسين. سوُ
في صدي غلام، اسان جي گهر جي
نياڻين ۽ ڪنيائن کي زبردستي،
ودرمي بڻايو ٿي ويو. اسان
ڏسندا ئي رهياسين، مجبور هئاسين.
۽ اُن گهور سنڪٽ جي سمي
اسان جي قوُم جي پيارن فيصلو
ڪيو ته نياڻين جي شادي ننڍي
هوندي ئي ڪرائي وڃي جيئن اسان
جي عزت ٻئي جي در جي
در جان نه ڀٽڪي...
پر افسوس، لوڀ جي دئيت اُن وقت

نرمل: بس ڪر وجيہ. بس ڪر. تون ٿي
تہ چئي رهيو هئين تہ هڪ ڏينهن
دنيا ۾ اُها صبح ايندي جا هر درد ۽ دک
جو درمان هوندي.
وجيہ: ڪاش، اِهو سپنو ڪڏهن سچ ٿئي.
نرمل: صرف ڳالهين مان نہ ڪجهہ ورندو آهي ۽
نہ ورندو. توس قدم تي ڪاميابيءَ جي
ڪنجي آهي.
وجيہ: مان خود ان ڳالهہ ۾ وشواس رکان ٿو.
جي اِئين نہ هجي ها تہ پيٽ تي پٽيون
ٻڌي پنهنجي شادي لاءِ هر وقت
ڪجهہ نہ ڪجهہ بچائڻ جي ڪوشش
هونئن نہ ڪريان ها.
نرمل: ان ڪوشش جو ڪو نتيجو نڪتو آهي؟
وجيہ: نتيجو؟ ڏهہ هزار فنڊ جا آهن. هزار
ڪن جو سون بہ آهي پر اڃا بہ مان
سمجهان ٿو گهڻو ڪجهہ وڌيڪ کپندو.
نرمل: تون ڪو فڪر نہ ڪر. ڇوڪري جي ڳولها

نرمل: (اُٺي وجيه جو ڪلهو ڏوڏبندي)
وجيه! .

(وجيه چپ آهي.)

نرمل: وجيه، هي ڇا هي! تنهنجي اهڙي
حالت ڏسي خبر نا هي منهنجيءَ دل
۾ الائي ڪهڙا ويچار ٿا اچن: وجيه...
(وجيه چپ آهي.)
وجيه. ڪجهه ڳالهاءِ نه سهي، هي ڀڳوان!
هيءَ خاموشي ضرور ڪنهن طوفان
جي منتظر آهي. هيءَ بيزاري
ضرور ڪنهن انقلاب جو پيش
خيمو آهي. هيءَ اُشڪ پيار ۾ هڪ
ڏينهن ضرور رنگ لائيندي.

وجيه: (سر ھٽي ڪري) هي ڀڳوان! جي
تون آهين نه ڏس: تنهنجيءَ دنيا ۾
غريب ڪيئن گذر ڪري رهيا آهن.
زندگيءَ جي ڪشمڪش کان تنگ
ٿي جي ڪا خطا ٿي وڃي ته ڇا ٿيندو؟

وجيه کان ڪنهن ڇوڪري بابت پڇو ٿي؟

نرمل: جي هان.

دادا: ڇوڪرو ته اک ۾ آهي. هيرو آهي هيرو.
پر ڳالهه ڇيڙيندي ڊرا ڊپ پيو ٿئي. نياڻي
جو معاملو نيو ڇڏجهه... هيٺ مٿائين ٿي
ته منهن ڪٽڻ جي لائق ٿي نه رهندا اسين.

نرمل: ڇوڪرو ڪندو ڇا آهي؟ پٽ ڪنهن جو آهي؟

دادا: ڇوڪري جو نالو چندر آهي. ٻه سيٺ
ڳالابچند جو پٽ آهي.

نرمل: (اڳ ۾ ڪنبي) دادا، هڪ ڳالهه ڇوان جي
دل ۾ نه ڪيو.

دادا: چؤ، چؤ پٽ.

نرمل: مهرباني ڪري رهانا. شناس ٿيو. ديوان-
ڏرڻ ٻه سيٺين جي پئسان نه پئو. عزت
سان انسان جي دال ڊوڊو ڪا ٿئي ته اهو
به بيعزتي جي سيري ماليوڙي کان لک
بار بهتر آهي.

دادا: (مشڪي) تو سمجهيو ڪونه، ڳالابراءِ

جاري ۽ ڀڳوان چاهيو ته سڀ ڪم راس ٿي ويندا.

وجيه: (تعجب مان) پرڪيئن؟

نرمل: تنهنجي نؤ ٽنڪي ڪافي ڪامياب وئي آهي. مان ڪوشش ڪندس، جيئن هوٽل دي تاج ۾ تو کي هر مهيني ڪو نه ڪو پروگرام پيش ڪرڻ جو موقعو ملي.

وجيه: (اچل ڏيئي) چار، مان اهو تو کي ڪٿي لاهي سگهندس.

نرمل: توري جو سوال ڪونهي. دوست ۽ پيار ۾ فقط ايترو فرق آهي جو هڪ ماڻ جي پيٽ مان نٿا پيدا ٿين.
ڪو چوڪرو اڪ ۾ اٿئي؟

(پيو دادا ڪافي پاسي واري ڪمري مان اچي داخل ٿئي ٿو ڪرتو پيل انس، ڪافي ٿڪل ۽ سنهرو آهي.)

نرمل: نمستي، دادا.

دادا: (ڪرسي تي ويهي) پٽ نرمل، تو شايد

وجيه: (آواز ڪري) ستي...

ستي: (اچي) جي.

وجيه: چانهه ته تيار ڪري وٺ. ۽...

ستي: بس بس. اِهي ويٺو هُجُ. چانهه تيار آهي.

(ڪجهه ئي دير ۾ ستي چانهه جي ٽري ۽ نمڪين رکي ٿي وڃي.)

دادا: شروع ڪريو پٽ. کائو، ڪجهه کائو.

نرمل: کڻ وجيه. ڪجهه کاءُ.

وجيه: هائو.

(سوچ ۾ ٻڏل ڏبي ڏبي کائي ٿو)

دادا: (چانهه پي) چڱو. هاڻ وڃان ٿو. ذرا شهر جو سير. سماءُ لهي اچان

(وڃي ٿو.)

ستي: (اچي) ڪجهه کپيو ڇا؟

نرمل: (ڪوپ رکي) ڪجهه کپي ئي ڪونه. پر اڄ شايد چانهه ۾ کنڊ ٻه دفعا وجهي اٿئي.

وجيه: پر مون کي ته محسوس ڪونه ٿي.

نرمل: وري پي ڏس.

پاڪستاني سيٽ آهي، يعني پٽ خانداني
سيٽ آهي.

نرمل: (عجب ۾) پاڪستاني سيٽ؟

دادا: (کلي) هائو - مطلب ته پاڪستان ۾
سيٽ هئي. تو مينوڪ هئس. ان لاءِ هتي
به ماڻهو ڪيس سيٽ ٿا چون.

نرمل: (کلي) اوهه! پاڪستاني سيٽ!

دادا: هتي ڪليمن ۾ انهن جا باغ ورثا اٿائين.
يو. پي. (U.P.) سائيڊ ۾. پٽس چندر
انجنيئر آهي.

نرمل: شڪل شبيهه؟

دادا: اسان پرياڻ هٿن چمر تي نه ٿيون.
اسان کي ڪين لڳي. پٽ و اٺون چوڪرو
تمام سٺو آهي. وڏيڪ ڇاڻي ايشور
ٻيا ٽي جي ڪرهن ۾ جيڪو نڪيل
هوندو ان کي ميٽي ته نه سگهبو.

نرمل: اِهو ته ٺيڪ آهي. پر تقدير به تدبير
سان ٺهي ٿي.

❊ درشيه پهريون ❊

(وجيه جي گهر ۾ گوڙ بگو پيو آهي.
بئڪ گرائونڊ مان ڪيئي آواز
اچي رهيا آهن. هڪ طرف کان
نرمل ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو. سندس
پٺيان دادا ٿڙو ٿڙو اچي ٿو.)

دادا: (ٿڪڻ ۾) نرمل. او نرمل.

نرمل: (منهن ورائي) ڇئو دادا، وجيه جو پتو پيو؟

دادا: مان خود توکان پيو پڇان. آخر وجيه ڪيڏانهن ويو؟

نرمل: خبر نا هي. ڇيج اچڻ جو وقت ٿي ويو آهي.

دادا: هاڻي ڇا ٿيندو. سڀ پئسا هن وٽ آهن.

نرمل: پئسا؟ سڀ پئسا وجيه وٽ آهن؟

دادا: هائو، بئنڪ مان ڪڍائي ويو هو؟

وجيه: (پيءِ ڪري) اوهه، اوڪار ڇا اچن.

(سڀ ڪلن ڇا)

نرمل: پاڻي، در اصل شادي لفظ ئي اهڙو آهي هوش حواس ئي بگاڙيو ڇڏي.

(اُٿي ٿو)

ڇگو وجيه، مان وڃان ٿو. هوٽل ڏي ڪاج جي مئنيجر وٽ شام جو هلنداسين.

هوش ۾ لوڪ مون سان ملندو رهج. ڪم جو ماڻهو آهي.

وجيه: (سر لوڏي) ٺيڪ آهي.

(نرمل وڃي ٿو)

وجيه: (ستي کي پڪاري) ڇوڪري! مفت جي ڪنا آهي؟

ستي: (هٿ ڇڏائي - مشڪي) وجيه. يعني اِجهو حال.

(پردو ڪري ٿو.)

هاڻي ڇا ٿيندو.

نرمل: دادا، دل ڏاهيو. پڳوال سڀ پڌي ڪندو.

(بيڪ گرائونڊ ۾ گوڙ شور وڌي ٿو
وڃي، ٻنن جو آواز اچي ٿو.)

دادا: (زور سان) اڙي نرمل، هاڻي ڇا ٿيندو!
ڊوڙ، ڊوڙ، وڃي ڪي گولهي اچو.
جيئن اچي وڃي.

(نرمل تڪڙو تڪڙو هڪ پاسي وڃي ٿو.)

دادا: (هيڏانهن هوڏانهن نهاري) هي پڳوال...

(هڪ پاسي کان سيٺ گلابراءِ رعب
داب سان اچي ٿو.)

اچو سيٺ گلابراءِ اچو.
ڏسي سيٺ منهنجا نرچا نيٺ.
جي آيا، نپج آيا، پلي ڪري آيا.

(اڳتي وڌي سيٺ گلابراءِ کي ڀاڪر ٿو پائي).

گلابراءِ: ڪيئن سائين، سڀ تياري نه ٿي
وئي آهي نه.

دادا: (هٿ جوڙي) بس سيٺ صاحب،

اڃا ڪونه موٽيو آهي.

نرمل: اوهه! وجيه کي ڪجهه ٿي نه ويو هجي.

دادا: (پٺيان ويندي) نرمل، ڇا ٿو چوين؟

نرمل: (ترسي) دادا، وجيه ويو ڪيڏي مهل آهي؟

دادا: (ڪجهه سوچي) هتان صبح جو ڏهين ڪن ويو آهي.

نرمل: ڏهين وڳي ويو آهي ۽ هاڻي شام جا ست اچي ٿيا آهن. ايترو وقت توهان وجيه جو خيال به ڪونه ڪيو آهي.

دادا: پٽ، شادي جو ڏينهن آهي، هر ڪو ڪم ۾ رڌو پيو آهي. وري مون سوچيو...

نرمل: توهان ڇا سوچيو؟

دادا: مون سوچيو وجيه کي پيا به ڪم آهن سو بئنڪ مان پئسا ڪڍائي انهن ڪمن جي پٺيان پيو هوندو. پر هيل تائين ته هر حالت ۾ اچي وڃڻ کپندو هوس. نرمل، پٽ نرمل

برهمڻ :- (واچ ڏسي) رات جا اٺ لڳا آهن،
گل ابراءِ (چيرائيندي) سيٺ ڦتومل شايد
پلنجين ٿو. چوکرو کنهن پيڙي ڏاڻ
پئسا وٺڻ ويو هوندو.

برهمڻ : يا کنهن پٺاڻ کان؟

(ٻئي گرائونڊ تي گوڙ شور ٻڌڻ ۾ اچي. سڀ چپ ٿي ٿا وڃن. نرمل سهڪندو سهڪندو اچي ٿو. پٺيان پٺيان ڪجهه ماڻهو هڪ شٽريچر کڻي ٿا اچن.

دادا : (اڳيان وڌي) نرمل، نرمل. وجيه ڪٿي آهي.

(نرمل شٽريچر ڏانهن اشارو ٿو ڪري.)

دادا: (مٿي ٿي هٿ هڻي) اڙي نرمل، ٻڌاءِ وجيه کي ڇا ڪيو؟

نرمل: دادا، غنڊن چڙهي هنيا اٿس. ڊريسنگ ڪرائي آيو آهيانس.

سڀ گروهه راج جي ڪرپا آهي. (زور سان)

اڙي وڃيو آيو؟ وڃيو آيو؟

(هڪ پاسي ڪان برهسپ اچي ٿو)

برهسپ: اوم. اوم. هري اوم. پوءِ سيٺ گل ابراءِ

ڪيئن ويڙهه جي تياري؟ سائين،

ڪنوار ڪٿي آهي، ڪنوار؟ اوم...

گل ابراءِ: ٻيهه برهسپ ديوتا ٻيهه. ڪجهه ترس.

اوم پوءِ چئو.

برهسپ: سيٺ گل ابراءِ اڄا ڪهڙي دير آهي؟

گل ابراءِ: دير ٿو پڇين برهسپ ديوتا؟ اڙي

پهرئين ڏاجو ڏسي اکيون ته ٺڏيون

ڪريون.

دادا: (هٿ ٻڌي) سيٺ گل ابراءِ. ويڙهه شروع

ڪرايو. چوکرو ٻنگ مان ٻُسا

ڪرائڻ ويو هو. اڄا ڪونه آيو آهي

اسان ٻولي ڏان ڪونه قربلاسيڻ

گل ابراءِ: (عجب ۾) چوکرو! ٻنگ!! اڙي

برهسپ ڏس وقت ڪهڙو ٿيو آهي!

گل ابراءِ: (منهن ڦيري) سيٺ ڦتومل، زبان کي ڦيرائي مرداڻگيءَ جو سيِرُ نيچو نه ڪر.

دادا: گل ابراءِ، هن غريب سان قسمت برابر مذاق ڪئي آهي. خطرناڪ مذاق ۽ پٽ مرڻ جهڙي حالت ۾ آهي. ۽ ڏيءَ جي سڪ ۾ آڳ لڳائي ٿي وڃي. ان هوندي به مان قسمت سان لڙندس، مون وٽ اجابه ڪجهه آهي.

سيٺ گل ابراءِ، مون وٽ اجابه ڪجهه آهي.

(هڪ طرف وڃيٿو، سڀ عجب مان ڦتومل ڏانهن نهارن ٿا. گل ابراءِ منهن کي موڙو ٿو ڏئي... ڪجهه ٿي دير ۾ دادا ڦتومل واپس اچي ٿو. هٿ جي هٿ ۾ ڪجهه زيور آهن.)

دادا: (گل ابراءِ جي سامهون بيهي) سيٺ گل ابراءِ، هي وٺو، اٺن هزارن جا

دادا: (روئي) ڇرا؟ غونڊن ڇرا هنيا اٿس!
اڙي وڃيو، پٽ وڃيو....

نرمل: دادا چنتا جي ڳالهه ڪونه آهي.
ڊاڪٽر چيو آهي خطرو ڪجهه به
ڪونه آهي، پر....

دادا: پر ڇا؟

نرمل: پئسا ڦرجي ويا دادا.
(اوچتو گوڙ وڌي ٿو وڃي.)

دادا: اڃا هاڻي ڇا ٿيندو.
(گهوٽ. چندر، اچي ٿو.)

نرمل: چندر، چندر.

گلابراءِ (نرمل کي پاسي ڪري) هل پٽ چندر
هل هيٺون، هيڙا مون لکين ناٽڪ
ڏٺا آهن، چوڙو اٿس به اصل
ناٽڪي، هون....

دادا: (اڳيان اچي) سيٺ گلابراءِ، ڪنهن
غريب جي عزت کي مٽيءَ جي
ٿانوَ وانگر نه ڀڃ.

گل ابراءِ: (پنهنجي ارادي سان) جيئن واپس وينجي.

دادا: (گل ابراءِ جي ويجهو اچي) گل ابراءِ،
او دؤلت جا پوڄاري گل ابراءِ، اهو نه
ڀُلج ته پئسو مجلس ۾ ننڍڙو وشوا
وقت ۾ هوندو آهي
پر عزت .....

هڪ: (وچير ڪٽي) عزت صرف ڦتو مل جو
خانداني ورثو آهي

(سڀ کلن ٿا)

نرمل: (دادا ڦتومل کي) دادا، هاڻي وقت
غصي جو نه آهي وقت جي نزاڪت
سُڃاڻو. ڏسو وڃي جي جا حالت
آهي، ۽ سڀئي جي جا حالت هوندي.
غُصو ڪري ڪم نه بگاڙيو. مهرباني
ڪري وڃو وڃو. ۽ جيئن سيٺ گل ابراءِ
جا پير پڪڙيو. پنهنجي پڳ
سندس قدمن ۾ رکو.
دادا. دادا.

زيور اُتوَ باقي مان توهان کي پوءِ
ڏيندس. زندگيءَ پر وَهيڻو پيو ته به
وَهندسُ پر زبان تان نه ڦرندس.

گل ابراءِ: (مذاق پريءَ مرڪ مرڪندي) پوءِ ڏيندين!
ڏاج پوءِ ڏيندين ڦٽوهل!! هاءِ ري زمانا!
اِهو ته ٻڌو هئوسين ته ماڻهو ڏاڙهي اوڌر
تي ڏنا لهرائن. جوڻا اوڌر جا ڏنا پائن.
لٺمن سوءِ الون اوڌر تي ڏنا پئن. بسين
۾ تڪسين ۾ به اوڌر تي ڏنا گهمن.
پر اهو ڪونه ٻڌو هئوسين ته ڪو ڏيءُ
به اوڌر تي ڏنا ڏيئن.

دادا: (واڪو ڪري، زبردست غصي مان)
گل ابراءِ، زبان کي لغام ڏي. مان ڏيءُ
جو پيءُ آهيان. عزت لاءِ پٽي جو
۽ پنهنجو خون ههڪ ڪري ڇڏيندس.

هڪ: (طنز ڪندي) سيٺ گل ابراءِ، سيٺ به
ڪي خوني ڪيا آهي.

دادا: (جوش ۽ نفرت مان) خاموش.

ته جه ٿو هان جو پيٽ نه ٿو ڀرجي.
ٺڪري وڄو چاپڻو! ظالمو. ٺڪري وڄو.
(سڀ وڄن ٿا.)

نرمل: هي ڇا ٿيو؟

دادا: جي مونکي خبر هجي ها ته ڏيئي ڇڏي جواني ماءُ پيءُ لاءِ هڪ داغ آهي ته هن ٻياگيءَ کي جنم وقت ئي ماري ڇڏيان ها. هي ڀڳوان، غريبن کي جيترا ڏک ڏيٺا هجني ڏي، جيترن پوڙن سرائون ڏيٺيون هجني ڏي، پر ڏيئي جو پيءُ نه بڻاءِ.
(هيٺ ڪرندو پوي)

آواز: (بئڪ گرائونڊ مان) اڙي جلدي ڪريو. جلدي ڪريو، وڃيو جيڪي سيال لهو. دادا کي اُٿاريو. اڙي، هي سڀني کي ڇا ٿيو؟ جلدي ڪريو، جلدي ڪريو.
ڊاڪٽر، ڊاڪٽر...

نرمل: شادي!؟ ڇا ماتم!؟

ڊڪيل: ٢٨ اپريل ١٩٦١

اپرهاشت (اوچتو پردو ڪري ٿو.)

دادا : (ڪجهه جوش ۾) منهنجي هيڏي
بيعزتي ٿي، اڃا بہ ڪرڻ ٿو چاهين!
(گل ٻراءِ ڏانهن منهن ڪري) وڃ، گل ٻراءِ،
وڃ. هڪدم هليو وڃ. مان هن نالائق
پٽ جو مُنهن سهي ويندس. جيڪو
غونڊن جي وَر چڙهي ويو. جيڪو
غونڊن کان پنهنجو پاڻ نہ بچائي
سگهيو. پنهنجو پئسو نہ بچائي سگهيو.
... مان پنهنجي ڏيءَ کي گهٽو ڏيئي
ماري ڇڏيندس پر پنهنجي عزت
نہ وڃائيندس.

قاتلو. هڪ پيءُ پنهنجي جوان
پٽ جو ٻليدان ڏيئي ڪليجي
جي ٽُڪري کي توهان جي در تي
گانءِ وانگر ڇڏي ٿو. پنهنجي گهر جو
ڏِيئو توهان جي گهر ۾ ٻاري ٿو
دل روئي رهي آهي تہ بہ مُشڪي
مُشڪي توهان لاءِ نيڻ وڇائي ٿو.

هري گنگا.

آنند (چمٽو سٽو ڪندي) هي مکرند سوامي!
سادن جي ڪيل شريشٽ سمجهوتي
جي ڀاوناءُ جو ستياناس ڪندي تون هن
رستي تان ڇا جي ڪري ٿو دان ڪٿو ڪرين؟
ڇا تنهنجي شرم ۽ ڌرم آتم هتيا ڪري ڇڏي
آهي؟

مکرند: (چمٽو مٿي ڪندي) سمجهوتي ۾ ائين نه
چيل ڪونهي ته ڪو ساڌو نام جو جاپ
ڪندو ۽ ڪٿان نه لنگهي. هي آنند سوامي!
تون مايا موهه ۾ ڦاٿل سنساري منش جي
ترشنا جيان سمجهوتي جي آرٿ جي
رسيءَ کي رٻڙ وانگر ڇڪيندو وڌائيندو
ٿو وڃين.

آنند: تون نام جو جاپ ڇو ڪرين؟

مکرند: نه ڇا ڪو پاپ پيو ڪريان؟

آنند: ائين تون ماٺ ڪان دان گهري رهيو
هئين.

٢ هٽ جون لکيرون ÷ 1 ÷

آنند سوامي :
مکرند سوامي :
ڇوڪرو :
ماڻهو :
ڇوڪري :

(آنند سوامي ڇمڪو وڄائيندو ساڌو ويس ۾ رستي تان اچي ٿو.)

آنند: بم بم ڀولي.
کير ٿو دروازو کولي.
ساڌوءَ کي دان.
گنگا جو اِشنان.

(سامهون کان ٻيو ساڌو آهستي آهستي ڇمڪو وڄائيندو اچي ٿو.)

ساڌو: ٻار ٻچن مٿان ڏيا ڀڳوان.
ڪر هاڻي نه دکشنا دان.

وقت، هن مذهب جو منهن ڏٺو اٿم. ڀڳوان
ڪري ڪا پت رهجي اچيم، اج هيءَ گهڻي
ٽو آزمايان... (هڪ ڇوڪرو اچي ٿو.)

آنند: هي ٻچا.
من جا سچا
هيڏانهن اچ

(ڇوڪرو ويجهو اچي ٿو.)

آنند: ٻچا، من جا سچا، ڊڄ نه. هٿ ڏيکار
ته مان توکي پوشيه ڏيکاريان.

ڇوڪرو: (هٿ وڌائي) ڏسو مهراج...

آنند: (هٿ ڏسي) واهه واهه ٻچا، من جا سچا،
ٽون امتحان ۾ پاس، ڌن دولت اٿاهه.
اندر سک، ٻاهر سک. هيڏانهن موٽر
هوڏانهن ڪار.

ڇوڪرو: پر مهراج، مان ته پڙهندو ئي ڪونه آهيان.
پاس ڇا ۾ ٿيندس؟

آنند: ه ه ه ه ه هه! اڳيائي ٻچا! ڪڏهن نه
سچا! امتحان فقط اهوئي نه ڪونهي

مڪرند: غلط! مان ستڪرمن جو پرچار ڪندو
ٿي ويس.

آنند: تون ڪوڙو آهين.

مڪرند: تون سوارٿي ۽ چالاڪ ۾ پورو آهين.

آنند: تون مڪار.

مڪرند: تون ٺڳ، ڏڪار.

آنند: حد ٿي چڪي. هاڻي هتان ٽر، وڃي
پنهنجي حد ۾ جهنڊا ۽ ڪبوتر وڃاءِ.

مڪرند: وڃان ٿو، تنهنجي ڪون پوان ٿو، پر اول هڪ
ڪم ڪر.

آنند: ٻڪ.

مڪرند: ٻه ٻول.
ڏي گانجي جا گول.

آنند: (الله ان ڪجهه ڪندي) وڃ. هاڻي جند
ڇڏ.

مڪرند: (الله واه ڏيندي) شخص تنهنجو ڀلو
ڪري. (وڃي ٿو)

آنند (غصي ۾ ان طرف نهاريندي) ٻهٽيءَ

آنند: (ڇپڻي وڃائي) نه بس. هٿ نه ڪر تون
ڇوري نه..

ڇوڪرو: ڪيئن مهراج؟

آنند: انهن ته ڇوڪرين مان هڪ. توسان شادي
ڪندي، ٻه هوٽل توکي ڏاج ۾ ملندي.

ڇوڪرو: پر مهراج، هن جهڙي ڇوڪري ڪاٺي، ٻي منڊي،
نين ٽيڏي آهي.

آنند: اڙي ٻچا، هوٽل نه ڪاٺي، نه منڊي، نه ٽيڏي
ڪانهي نه آهي... تون پنهنجو سڄو ڌيان
هوٽل ۾ لڳائج.

ڇوڪرو: ٺيڪ آهي مهراج، پر مون وٽ ڏيڻ لاءِ
ڪاڻي ڪوڏي به ڪانهي.

آنند: ڪجهه به ڪانهي؟ ڇڱو فڪر نه ڪر هوٽل تي
اچڻ ۽ نه پنجين روپئي جو مال کارائي بل
ٻن روپين جو ٺهرائجانءِ ٻاپ کي مهني
ڌرم سان ڏوڙيو آهي ٻچا.

ڇوڪرو: سٺ وچن مهراج. ڪاسيرا ڪا آگيا سائين.

آنند: ٻچا سدا سکي رهين. اهو ته ٻڌاءِ سامهون

جيڪو ماستر وٺندو آهي. تنهنجو اندر
نت نوان ڪتاب پڙهي ٿو پر تون اُتما
جي امتحان ۾ نت پاس ٿيندو رهين ٿو.
پڇا تون ڇا ڪندو آهين ؟
ڇوڪرو: مهراج مان هڪ هوٽل تي بئرو آهيان.
آنند: بئرو؟ ناممڪن! حد آهه تنهنجو مت
بدلائي ٿو ته تون هوٽل جو مالڪ آهين.
ڇوڪرو: مهراج اهو سچ آهي ته مان نوڪر آهيان.
آنند: (سوچي) هڪ سوال جو جواب ڏي.
ڇوڪرو: پڇو مهراج.
آنند: هوٽل جو مالڪ ڪير آهي ؟
ڇوڪرو: صندوقي لعل.
آنند: شادي ڪيل آهي ؟
ڇوڪرو: هائو.
آنند: ٻار اٿس ؟
ڇوڪرو: هائو.
آنند: گهڻا ؟ ۽ ڪيرڪير؟
ڇوڪرو: ٽي ٻار اٿس، ٽيئي ڏيئر

آنند: سکي رهين. (ڇوڪرو وڃي ٿو.)

هاءِ بدنصيب! مڪرند سواميءَ جا ٻچا، هي
سڀ تنهنجي ٿوڙي ڏسڻ جي ڪري
ٿي رهيو آهي. مڪرند سوامي (منهن
ڦيري ڪري) هون... وڏو آيو سوامي
ٻڌي. ڪمينو ڪاسائي...

(هڪ ماڌو اچي ٿو.)

ماڌو: مهاراج.

آنند: جي ٻچا

ماڌو: توهان هٿ ڏسندا آهيو؟

آنند: هٿ ڏيکارڻ جي قابل نه هجي ته ٻچا
پير به ڏسي چاڻون. ترڪال درشي
پرگو مهراج جي خاص اولاد آهيون ٻچا.

ماڌو: (هٿ ڏيکاري) ته ڏسو مهراج.
منهنجو هٿ ڇا ٿو ڏيکاري.

آنند: (هٿ ڏسي آڱرين تي حساب لڳائي)
راهو شڪر شني منگل سوم دوم...
ٻچا هٿ جون لڪيرون ٻڌائن ٿيون ته

واري لهنجي ۾ پهرين گهر ۾ ڪير رهندو
آهي ؟

چوڪرو: مهاراج اُتي هڪ انگريز وارو رهندو
آهي.

آنند: شو، شو، شو ڪهڙي پاپي ڪڏي ڪرتوت
جو نالو ڪيو اٿئي، پر ٻئي نمبر گهر ۾
ڪير رهندو آهي ؟

چوڪرو: سائين اهو شراب جو ڌنڌو ڪندو آ
۽ جوا جو اڏو به هلائيندو آهي.

آنند: رام، رام، رام، هي ڀڳوان، اڄ منهنجي
نصيب ۾ شرابين، جوئارين، ۽ سوئرن
جا صحت ڏسڻ لکيل آهي ڇا ؟

چوڪرو: مهاراج، پنهنجو صحت ڪونه ڏٺو الو
ڇا اڄ ؟

آنند: وڃ ٻچا، عقل جا ڪچا، ساڌن فقيرن
سان چرچا نه ڪر. اسان آول ئي بيزار
وينا آهيون.

چوڪرو: چڱو مهاراج، نمسڪار.

آيُنِ جاي جُوَنُسَ منهنجي دل جي ڏڙڪن،
منهنجي جيون جي آشا، اُها اِجونتيءَ
جهڙي لچاري ۽ سهڻيءَ جهڙي پياري
پنجن پارن جي ماءُ ۽ آهي.

آنند: (وڏيڪ خوش ٿي) اهو پاڳ- اهو پاڳ،
پريم جو درشن آپرميار، پرپيا اهو پنجن
جو انگ دلبر جو در ڪلڪ ۾ ديروجهندو:

ماٺو: ڇو مهاراج. ڪيئن مهاراج.

آنند: پيا هٿ جون لڪيرون ٻڌائن ٿيون ته
جي تنهنجي پران پياري ڇهن پارن
جي ماءُ هجي ها ته ڇما ڇم ڪندي
تنهنجي دل جو در کولي تنهنجي
جيون جي اڱڻ ۾ ٺمڪ ٺمڪ
ٺمڪي ها. پرهاڻي.....

ماٺو: ها ها مهاراج. پرهاڻي.

آنند: پرهاڻي تون...

ماٺو: ها مهاراج. پرهاڻي تون...

آنند: مورک! مان نه تون.

توک پريمي جيءُ آهين.

ماڌو: (گد گد ٿي) ڌنيه هو مهراج! توهان
نه ساکيات برهما جي مورت ۽ وشنوءَ جي
مورت آهيو.

آنند: (خوش ٿي) سڀ ان ايشور جي مهما
آهي ٻچا.

ماڌو: مهاراج پلا پريم ۾ ڪامياب ويندس؟

آنند: (حساب ڏيکائي) ڪاميابي اوس ملندي
پر هڪ سوال آهي.

ماڌو: پڇو مهاراج.

آنند: آها هت. ڀاڳني ڪير آهي. جنهن سان
تنهنجي نينهن جو ڪنڊو وڃي اٽڪيو
آهي.

ماڌو: مهاراج هوءَ مها سندري، مها ڀاڳيوتي،
هڪ وڌوا آهي.

آنند: آها. آها. پوءِ نه ملن جو يوگ ڌانگ
واڳرقٽ ڪيئي بيٺو آهي.

ماڌو: مهاراج، منهنجي پراڻ پياري. منهنجي

گھڻو وھندين، اوترو جلد لھندين.

ماڻھو: وٺو مھراج اَڍائي روپيه.

آنند: سدا سکيا رھين، وَڃي ماڻين.

(ماڻھو وڃي ٿو.)

ھال اُڃ اگيتي.

(ھڪ نوجوان ڇوڪري ماڍرن ڊريس ۾ اچي ٿي ۽ آنند سوامي جي اڳيان ھٿ وڌائي ٿي.)

ڇوڪري: مھاراج، منھنجو ھٿ ڏسو ۽ ٻڌايو ته ھو مئو مارجيو ڪيئن مرندو.

آنند: ڪير ڏي؟

ڇوڪري: ھو ھڪ لوفر، آوارھ، بدمعاش، بدچلن چور آھي. ھر وقت منھنجي پٺيان لڳو پيو ھوندو آ ھر وقت پيو آس پاس ڪاٽ ايندو ويندو. پيٽ پٽ ڪندو ۽ سيٽيون وڄائيندو.

آنند: وڏو ڪو پاڄي آھي

ڇوڪري: مھاراج مان ھن کي مارڻ چاھيان

ماڻهو: ها مهاراج، مان...

آنند: دل نه لاهه، در کڙڪائيندو رهه، مهڪ
ڏيندي ضرور ڪڙو لهندو ۽ ننڍڙو
اندر گهرندو... پريم جو پيو...

ماڻهو: پوءِ مهراج ڪو جاپ ٿاپ.

آنند: پريم جي گرنٿ جو پيو ڪوئي جاپ
ٿاپ ڪونهي. بس، در ڪڙڪائيندو رهه،
دلبر جي گهٽيءَ ۾ ڦيرو پائيندو رهه.

ماڻهو: در ڪڙڪائيندو رهان،
دلبر جي گهٽيءَ ۾ ڦيرا پائيندو رهان.

آنند: ها بچا، جيسين اُها پنهنجي پاڻ جي
ماءُ مهاسندري تو ڇهين جي گهر
نه اچي.

ماڻهو: چڱو مهاراج، نمسڪار.

آنند: نمسڪار پوءِ بچا، پهرئون دڪشنا.

ماڻهو: گهڻي مهاراج؟

آنند: گهٽ ۾ گهٽ اڍائي روپيه، وڌ ۾
وڌ جو ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي. جيترو

٣ ⁂ هُٿ جون لَڪيرُون-٢-⁂

آنند سوامي :
پار :
بصرمل :
٢ چوڪرا :

(هڪ گهٽيءَ جو نظارو. ٻنهي طرفن کان جايون نظر اچن ٿيون. منجهند جو وقت آهي. آس پاس کان ڪي گهريلو قسم جا آواز اچي رهيا آهن. ڪپڙن سٽڻ جو آواز، پارن کي دڙڪا ڏيڻ جو آواز، باسڻن جي کڙڪڻ جو آواز. هڪ پار، عمر ڏهه کن سال، اتان لنگهي ٿو. اوچتو هڪ طرف کان آنند سوامي چمڙو کڙڪائيندو منهن تي اچيتو ۽ پار کي روڪيٿو.)

آنند : (ڏسي آواز ۾) ٻچا، او وڏا ڳي ٻچا! هيڏا نهن نه ٻڌ...

ٿي. هٿ ڏسي ٻڌايو ته ڪيئن مارڻ ٺيڪ
رهندو. گوليءَ هڻانس؟ پٿرن سان زخمي
ڪري پورو ڪيانس؟ نديءَ ۾ ٻوڙيانس
زهر ڏيانس؟ خنجر هڻانس؟ ڇا ڪيانس؟

آنند: ڏيئي انهن استرن شسترن سان موڪونه
مرندو. تون جهڙي منهنجي نظرن سان
نظرون ملائي مرڪندين، ته هو پاڻ ئي
شهيد ٿي ويندو.

ڇوڪري:- (شرم ۾ هٿ ڇڏائي) ڇڏ منهنجو
هٿ. تون مهاراج آهين يا ڪو شودو..
(شرم ۾ وڃي ٿي)

آنند: ڏڪشنا. اڙي او ڏڪشنا... وئي. ڏڪشنا
۾ ڪونه ملي، شودن جي لسٽ ۾ به
درج ٿي وياسين. زال جو ڪم ڪرڻ مان
اهو فائدو ٿيندو آهي. هڙون ڏيئي هٿاءِ،
ته مالڪ ڏيئي مجرا. توبه توبه.
پردو ڪري ٿو.

تڪميل: ۱۷ کان ۲۳ مارچ ۱۹۶۷ع / پرهاشت:
ٻيگترا ل ۱۷-۵-۱۹۸۲ع-

بصر: (عجب ۾ ڏيڻ مان) جي ؟

آنند: ڪپڙا لاهه.

بصر: (هبڪندي) يعني- يعني- ڪپڙا لاهي اگهاڙو ٿيان؟ يعني ڇيت؟ هن گهٽيءَ ۾؟

آنند: (مرڪندي) مورک بصر! هي تنهنجا ڪپڙا جن مان سڙيل چولن جي ڌانس اچي رهي آهي، لاهڻ لاءِ نه ٿو چوان.... توکان اڳيان جا ڪپڙا لاهه ۽ هٿ ڏيکار ته مان تنهنجا ٽئي ڦٽل ستارا ڏسي جوڙ ڪٽ- وٺ- ضرب ڪري تنهنجي ماضيءَ جو مرم، حال جو شرم ۽ مستقبال جو ڏرم پڙهيو ڪريان...

بصر: (هٿ وڌائي) ڏسو ساڌو مهاراج ڏسو... (هٿ ڇڏائي) پر ترسو... توهان پيسا گهٽي وٺندا؟

آنند: (بصر جو هٿ پڪڙي) توکان پرواهه نه ڪر بصر سيٺ! مان توکي ٢٥ سيڪڙو لاٽ ڏيندس ۽ پندرهن سيڪڙو ڪاٽ

پيءُ بصرمل اچي پيو.

آنند: (ٻار کي هٿ سان پچائيندي) ٻچا،
توُن هاڻي ٻچ، نه ته تنهنجي سرسوتي
۽ منهنجي لڇمي جو خير ڪونهي.
(ٻار وڃي ٿو. بصرمل اچي ٿو.)

آنند: (ڇمٽو وڄائيندي ڳائي ٿو.)
واهه واهه ري رنگي تنهنجا ڍنگ!
اڪ جي ٻچي کي بصر بڻايئه،
ڏيئي مڇين جا ڪنگ!!
واهه واهه ري رنگي تنهنجا رنگ!!
ٻچا بصرمل...

بصر: (عجب ۾) اڙي، توهان مون کي سڃاتو؟

آنند: (اکيون ٻوٽي) ڇولا وهڻي ساڌن
سان ٺٺوليون ٿو ڪرين ٻچا! اسان
توکي نه سڃاڻنداسين ته ڇا تنهنجو
پيءُ ٿو کي سڃاڻندو؟

بصر: (هٿ جوڙي) حڪم مهاراج!

آنند: ڪپڙا لاهه.

بصر: پر مهاراج ! ٻچيل چولا ڪاڏي ڪيان ؟
آنند: پن پن ٿاهي. انهن تي مرچ مصالحو
وجهي. مٿان چٽڻي وجهي ساڌن مهاتمائن
کي کارائي ڇڏ. پر پيڙ. اڄ ڪلهه ساڌن جي
يعني سچن ساڌن جي ڏاڍي اڻاٺ ٿي
پئي آهي....
بصر: (وچ ۾) اڻاٺ ڇو ٿي آهي مهاراج ؟
سچا ساڌو ڪاڏي هليا ويا آهن ؟
آنند: (هٿ کڻي) ٻچا. ڪي فارين هليا ويا آهن،
ڪي دفترن جا سنتري وڃي ٿيا آهن ۽
ڪي هنن پون حالتن ڏسي آسمان مان
هيٺ لهڻ ئي ڪونه ٿا يعني ڀارت ۾ جنم
ئي ڪون ٿا.
بصر: (وياڪل ٿي) پوءِ مهاراج. اسان جي مهان
ڀارت ورش جو ڪهڙو حال ٿيندو ؟
آنند: (هٿ ڦهلائي) ويد پوءِ واڇڻ وانگر اهي
۾ سگل ڪري کٽي اچڻا پوندا. جنهن مان
ڀيو وري ڇا ٿيندو.

ڏيندس، منجهند جي مهل آهي. اسان
جي ٻهڪڻ جو وقت!

بصر: چڱو مهاراج، ڏسو هٿ.

آنند (هٿ ڏسندي) واهه واهه! ڌالو ٻصرمل
پر ڏس، جي ٿانو مل ڌالو هجيئي ها ته
پڪ ئي پڪ منزور ٿئي ها، جي گنبتمل
ڌالو هجيئي ها ته پٽئي ٿئي مرچ ڏيئين
ها. جي ڌالو ڪڳو هجيئي ها ته مڇي
مالڪ وارو هجين ها. پرهاڻي جڏهن
تون ٻصرمل آهين ته پڪ ئي پڪ
چولا وڪڻين ٿو، چولا خريدين ٿو،
چولا کائين ٿو. تنهنجي قسمت چولن
سان اڻون لکي وئي آهي، پر ٻڌ.

بصر: ها سائين،

آنند: ٻجيل چولا اصل نه کائيندو ڪر، اچونه
گراهڪن جا سڀ پاپ، سڀ ڪڪر، سڀ
جراثيم، سڀ هڇائون چنڪڻ سان ملي
تنهنجي پيٽ ۾ هليا ٿا وڃن...

پر بسمل، اڪ ماڻهو سچپچ اڪ ماڻهو هئي
۽ تون اڪ ٻچي هئين. يعني هاڻي به آهين
۽ اڳتي به رهندين! ... پر اڪ اڪ شادي
جا سپنا ڏسي ٿو حلوائي جي دڪان تي
نوڪري ڪري ٿو ۽ دل ئي دل ۾ حسرت وارڻ
ئي مري ٿو... ڪيئن؟

بسنت: (رڙ ڪري) چاچئو؟ اڪ - اڪ مرندو؟

آنند: پاپ شانت - پاپ شانت - پاپ شانت
مرڻ اڪ جا دشمن! اڪ ڏهه گهٽن جون ئي
ڪاهيون ڪلهن تي ڪٽندو. حلوائي جي
حلوي، دڪان جي دٻي ۽ گراهڪن جي
جلوي اڪ کي ماکي کان به متو بڻائي
ڇڏيو آهي...

بسنت: (نمرتا مان) مهاراج! اڪ جي شادي
ڪڏهن ٿيندي؟

آنند: (آڱرين تي حساب ڪندي) جلد ٿيندي.
تون صرف تياري ڪر. تنهنجي هٿ جون
ليڪون ڏيکارڻ ٿيون ته ڀڳوان اڪ جوو هاڻ ۾

ٻسر: (خوش ٿي ڪندڙ لوڏي) مان پي ٢-٣ ساڏو سينگاپر ياد ڏيئي مان ڪٿي ايندس. ڏيو ٿي گهڻي پوندي؟

آنند: (غصي مان ٺهار ڀندي) او چولن وارا ٻسر! تون ساڏو ڪٿي ايندين؟ مورک! ڀڦر پون پنهنجن ٻچيل چولن جي سمسيا نه سلجهائي...

ٻسر: (شرمندو ٿي) هائو سوامي! توهين ٿي ٻڌايو مان ٻچيل چولا ڪنهن کي ڏيان؟

آنند: (جڻ احسان ڪندي) مون کي ٿي ڪٿي ڏجاءِ. سچن ساڌن جي گوڏها ڀر ڪٿي پيو پڪندين. مان روز اچي چولا وٺي ويندو سانءِ. منش ٻرهي گانءِ گابي کي ڪارائي ڇڏيندس.

ٻسر: (هٿ جوڙي) جو آگيا مهاراج!

آنند: (ٻسر جو هٿ ڏسندي) تو اڪ ماءُ مان اڪُ پڻ ڏاڪيو. ان ڪري اڪ ماءُ تنهنجي زندگي کي اڪ جهڙو ڪوڙو بنائي سال کن اڳ گذاري وئي. ڪيئن؟

ڪنن ٿو.

(بصرمل آنند سواميءَ جو کشڪول کڻي
وڃي ٿو. آنند سوامي ڇمڻو وڃائي
رام- ڏان ڏڳائي ٿو. ڪجهه ٿي دير ۾
بصرمل واپس اچي ٿو. هڪ هٿ ۾
چولن سان ڀريل کشڪول اٿس. ۽ ٻئي
هٿ ۾ چانديءَ سان ڀريل جگ ۽ گلاس.)

آنند: ڏان آهين شڙا لو ڏان آهين. اڃان به
دنيا ۾ ڪي آهن. جن جي ڪري ڌرم ڪرم
ٽڪيو پيو آهي.

بصر: (گدگد ٿي) سڀ توهان جهڙن سنت-
پرکن جي ڪرپا آهي. اسان ته توهان
جي چرڻ جي ڌوڙ به ڪون آهيون.

آنند: (کشڪول ۾ نهاريندي) چولن جي
صورت ۽ ٿنڀجي هٿ جي ليکن
جي مورت ۽ بناوت ڏسڻ ڪانه ٿي
ان نتيجي تي پهتو آهيان. ته ٻنهي
۾ ملاوت آهي.

گهڻو گهڻو اڳي ڪري چڪو آهي. اڪ
روز رات سپني ۾ پنهنجي پراڻ. پياري
ساڻ مڙس سنگم ڪندو آهي، پر تون
ٿي بصر مل مهامورک آهين جو تون ڦندڙ
آتمائن جي وياڪل شريرن کي هڪ ٻئي
کان دور رکي ويٺو آهين...

بصر: (هٿ جوڙي) مهاراج، اڪ جي جلدي
شادي ڪرائيندس، دياڪري جو. ڪجهه چولن
مان ڪمائي وٺان ته به پئسا خرچي نه
سگهان.

آنند: چڱو ياد ڏياريئه. گهر ۾ چولا رڌل اٿئي؟

بصر: هائي اهان رڌي ٺاهي رکي آکيو آهيان
مهاراج!

آنند: (بصر ڏانهن ڪشڪول وڌائيندي) وٺ،
سادو سنياسيءَ جو ڪشڪول ڀري اچ.
جلدي اچ ڏ چولن جو به آئيندو ڀڻ ايانءِ
اڙي ها، ڀڻ، پاڻي به ڀري اچجانءِ.
شڙالو! ڀگوان ڀلو ڪندءِ. مهجيءَ کي ڀلو

دل نه لاهه بصرو ٻچا، پر ڇو ٻيو پيو ٿان ۽!!

بصر: مهاراج! توهان جو نان ۽
ديا جي مورت، ڪسيا جو ڪان ۽!!
سوين ٿالهه توهان تي صدقي!
چاهي هڪڙو ٻيو ٿال ۽؟

آنند: ڇڳو ٻچا، اهو نه ٻڌاءِ هڪ ٿالهه جي
قيمت گهٽي؟

بصر: مهاراج! چانديءَ جو يا ڏاميءَ جو يا پتل
جو يا لوهه جو؟

آنند: مورک بصر! چوان جو ٿالهه.

بصر: مهاراج! روپيه ڏهه!

آنند: ٢٥ سيڪڙو لاٿ ۽ ١٥ سيڪڙو ڪاٽ.
باقي ڪيڏ روپيه ڇهه.

بصر: ڇهه روپيه؟ پر ڇا جا مهاراج؟

آنند: ٻڌايا مان ۽ جو حال.
نوان پراڻا جنجال.

بصر: (هٿ جوڙي) دمرپاڪر جيو مهاراج!
ٿڙا سان ۽ سڪ پريم سان

بصر: (گهبرائجي) جي؟ ملاوٽ؟

آنند: ٻچا، آءٌ وانگر ٽينگ- ٽپاڏ ڏي. صبر سان ڳالهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. ملاوٽ معنيٰ محبت.. ملاوٽ يعني ياري، دوستي، ميلاپ!

بصر: (خوش ٿيندي) اِئين چئو نه مهاراج. مان نه چوان...

آنند: (ڪنبندي) تون چوڻ مان گهڻو ڪجهه ڪمائيندين. پر وڃائيندين به ضرور جو نه ٿنهجي اڪ جي بناوٽ ڪمائجي ۽ مرڪاوٽ وچهي رهي آهي، ڪيئن؟

بصر: (ٿڙڪندو) پر جي اڪ ڪيائي چڙيان نه پوءِ؟

آنند: ٻچا، پوءِ نه ٻڪ مرڻو پوندءِ. سو بصر! اڪ جو جڪر، جڪر جو مڪر، مڪر جو فڪر جيڻ. چوڻ ڏي نهار.
ڏس مور ڪ بصر بند!
چولي چولي ٿي لکيل آ، ڪائڻ واري جو ناڻ!

۽ ڍونگين کي ڪو سبق سيکارڻ گهرجي.

هڪ: مان پاڻ اِهو ئي سوچي رهيو آهيان.

ٻيو: پر ڪيئن سبق سيکارجي؟

هڪ: (سوچي) ٻڌ، هڪ آئيڊيا آهي. ذرا ڪن ڏي ته ٻڌايانءِ.

(ٻئي چوڪرا جلدي ڪن ۾ ڪجهه ڪسرپسر ڪن ٿا.) سمجهئين؟

ٻيو: هائو. بلڪل سمجهه ۾ اچي ويو.

هڪ: ته ڊوڙ. آس پاس ئي هوندو. جلدي. ڦٽافٽ...

(ٻيو چوڪرو ڊوڙندو هڪ طرف وڃي ٿو. پهريون چوڪرو اسٽيج تي ئي اڪيلو ايڪٽ پوري ڪرڻ شروع ٿو ڪري. ڪجهه دير ۾ ئي ٻئي چوڪري سان گڏ آنند سوامي اچي ٿو.)

آنند: (پرسن ٿيندي) واهه واهه! ڊل پاڪ!! هي چوڪرو ته وڏي هوندي ٽڪسال جو مالڪ ٿيندو.

جيڪي ڦل ڦول ار پيان، سو بڪار ڪريو.

آنند: چڱو ٻچا، جيڪا تنهنجي شرڌا. اسان پنهنجي پڇرئين گراهڪ کي ناراض نه ڪندا آهيون.

بصر: وڏي ڪرپا مهاراج توهان جي.
(ڪجهه پئسا ڏيئي) سو بيڪار ڪريو ٻه ديا جو هت گهمايو.

آنند: (آشيرواد ڏيندي) بصر به وڌي، اڪ به وڌي، چولو ۽ چنٽي به وڌي.
(بصر کي اٿي ٿي چئي آنند سوامي هڪ پاسي اڳتي وڌي ٿو وڃي. جلدئي بصر مل به ٻئي پاسي کان روانو ٿي ٿو وڃي. ١٥ سيڪنڊ اسٽيج بلڪل خالي ٿي رهي. اوچتو هڪ طرف کان ٢ ڇوڪرا داخل ٿين ٿا. سندن عمر ١٥ اڪن سال آهي.)

هڪ: هي سادو وڏو ڪو فتيبان ٿو نظر اچي.

ٻيو: ان هر به ڪوشڪ آهي. هئڙن دوکيباز

ڪن ڪليل آهن. باقي ٻيو سڀ ڪجهه بند
آهي.

هڪ: توهان جو گرو ڪير آهي مهاراڄ؟

آنند: اسان پنهنجا گرو پاڻ آهيون. ٻئي کي
جيتري گهڻي تڪليف ڏجي اوترو
سٺو. ڪيئن؟

هڪ: ڀِگُرا آهيو؟

ٻيو: ڏنيه آهيو. مهاراڄ ڏنيه آهيون.

آنند: (ڳالهه ڦيريندي) ها ٻچا، اِهو ته ٻڌايو
ته هتي آس-پاس ڪٿي اسٽ-پرڪ
رهندا آهن. جن سان ڪڏهن به
گهڙي ٻوڪ گيان گوشٽ ويهي ڪجي؟
ٻيا جيڪي سادن سنتن کي ڪي
پريم جي نظر سان ڏسندا هجن؟

ٻيو: مون کي نه خبر ڪو نهي مهاراڄ! پر
منهنجي هن دوست کي سڀ خبر
هوندي. اڙي ٻڌاءِ نه مهاراڄ کي.

هڪ: مهاراڄ! هو سامهون وارو گهر ڏسو ٿا.

پيو: مهاراج! هن کي گهٽ نه سمجهجو.
هاڻي ٿي سادن تن شيطانن جي برابر
آهي. سڄي شهر جي چپي چپي جي
ڄاڻ آهي هن کي.

آنند: واهه! اها نه ڏاڍي سٺي ڳالهه ٻڌائيه،
پچا، ڇا اهو سچ آهي؟

مک: (ڪجهه، دير کان پوءِ) ساڌو مهاراج، معاف
ڪجو. مان پنهنجو پاڻ مرڻي ڙڏل هوس.
توهان مون کان ڪجهه پڇيو؟ نمسڪار
نمسڪار ڪاڪي سيوا؟

آنند: پچا، سکي رهيون، ساڌن جي ڪهڙي
سيوا! اسان نه صدق جا سائل بي محبت
جا مُتل آهيون. ٻه چار سک پيار جون
ڳالهيون ڪنهن کيون نه سچا ساٿ
اُنهي جا.

پيو: ڪجهه نه توهان ٻن ايو مهاراج!

آنند: اسان ڇا ٻڌائينداسين پچا! اسان ته
دنيا تياڳي ڇنهن کي ڪڏهن ٻيءِ ٻڌ بيهين،

بہ گڏاريِ ويس...

آنند: رام. رام. رام. ٻچا پنهنجو ٽالو ڇا هو؟

هڪ: (ڪجهه ياد ڪنديِ) ڏونگر ڏونگر ماٺهو اجا بہ ڏونگر ماءُ چوندا اٿس.

ٻيو: پرمائي آهي دل واري. ڏل واري! ادان ڪندي پئي سُرهي ٿيندي آهي.

